# برڪاتِ صدقات

05-April-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# بركاتِ صدقات

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاوي شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).

## دُرُود شريف جي فضيلت

تاجدارِ مدينہ، رَاحتِ قلب و سِينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فَرمانِ رَحمت نِشان آهي: جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان تي ڏھ (10) رَحمتون نازِل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏھ (10) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي الله پاڪ ان تي سو (100) رحمتون نازل ڪندو آهي ۽ جيڪو مون تي سو (100) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نِفاق ۽ جهنَّم جي باھ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (معجم الأوسط، ۵ /۲۵۲،حديث:۷۲۳۵)

یا نبی! تجھ پہ لاکھوں دُرُودو سلام اِس پہ ہے ناز مجھ کو ہوں تیرا غُلام
اپنی رَحمت سے تُو شاہِ خَیرُ الاَنام مُجھ سے عاصی کا بھی نازبَرْدَار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۾ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۾ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نهايت قيمتي موتي

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب"عُيون الحڪايات (جلد اوّل" جي صفحي نمبر 212 تي آهي تہ حضرت سيدنا احمد بن نَاصِح رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ غريب شخص تمام گهڻو عبادت گذار ۽ ڪثير العيال

(ٻارن ٻچن وارو) هو. گهر جي خرچ وغيره جي لاءِ اُن (پشم) جون رسيون ناهيندو هو ۽ انهن کي وڪڻي ڪائڻ پيئڻ جو سامان خريد ڪندو هو، جيترو ملي وڃي ان کي ڪائي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندو هو. معمول مطابق هڪ ڀيري هو نيڪ شخص اُن جون رسيون وڪڻڻ بازار ويو. جڏهن رسيون وڪامجي ويون تہ هو گهر وارن جي لاءِ کاڌي جو سامان خريدڻ لڳو. ايتري ۾ ان جو هڪ دوست ان وٽ آيو ۽ چيائين: مان سخت حاجت مند آهيان، مون کي ڪجهہ رقم ڏي. ان رحم دل عبادت گذار شخص اها سڄي رقم ان غريب حاجت مند سوالي کي ڏئي ڇڏي ۽ پاڻ خالي هٿين گهر موٽي آيو. جڏهن گهر وارن پڇيو: کاڌو ڪٿي آهي؟ تہ ان جواب ڏنو: مون سان هڪ حاجت مند سوال ڪيو، جيڪو اسان کان وڌيڪ حاجت مند هو، انڪري مون سڄي رقم ان کي ڏئي ڇڏي. گهر وارن چيو: هاڻي اسان ڇا کائينداسين؟ اسان وٽ تہ گهر ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي. هن نيڪ شخص گهر ۾ نگاهہ ڦيرائي تہ ان کي هڪ ٽٽل پيالو ۽ دِلو نظر آيو. ان اهي ٻئي شيون کڻيون ۽ بازار ڏانهن ويو هن اُميد سان تہ شايد انهن کي ڪو خريدي وٺي ۽ مان ڪجهہ کاڌي لاءِ سامان وٺي اچان. پوءِ هو بازار پهتو پر ڪنهن بہ ان کان اهو ٽٽل پيالو ۽ دِلو نہ خريد ڪيو. ايتري ۾ هڪ شخص لنگهيو جنهن وٽ هڪ خراب سڄيل مڇي هئي، مڇي واري چيائين: تون منهنجو خراب مال پنهنجي خراب مال جي بدلي خريدي وٺ يعني هي ٽٽل پيالو ۽ دِلو مون کي ڏي ۽ تون مون سان اها سڄيل خراب مڇي وٺ. ان عابد شخص اهو سودو منظور ڪري ورتو ۽ خراب مڇي وٺي گهر موٽي آيو ۽ گهر وارن جي حوالي ڪئي. جڏهن انهن ان مڇي کي ڏٺو تہ چوڻ لڳا: اسان هن بيڪار مڇي کي ڇا ڪيون؟ ان عابد شخص چيائين: توهان ان کي پُچي وٺو اسان ان کي ئي کائينداسين، الله پاڪ جي ذات مان اُميد آهي تہ هو مون کي رزق ضرور عطا ڪندو. پوءِ گهر وارن جڏهن مڇي جو پيٽ چيريو تہ ان جي اندران هڪ نهايت قيمتي موتي (Pearl) نڪتو، گهر وارن عابد کي خبر ڏني. جڏهن صبح ٿي تہ اهو عابد شخص هن موتي کي کڻي جوهري

(هيرن جواهرن جو ڪم ڪرڻ وارو) وٽ ويو، جڏهن جوهري اهو موتي ڏٺو تہ حيران ٿي چوڻ لڳو: تو وٽ اهو موتي ڪٿان آيو؟ ان نيڪ ماڻهو جواب ڏنو تہ: اسان کي الله پاڪ اهو رزق عطا ڪيو آهي. جوهري چيائين: اهو وڏو قيمتي موتي آهي، منهنجو خيال آهي هن جي قيمت ٽيهہ(30) هزار درهم آهي، توهان هيئن ڪيو تہ فلاڻي جوهري وٽ هليا وڃو، هو توکي ان جي سچي قيمت ڏئي سگهندو. پوءِ اهو نيڪ شخص هن موتي کي کڻي ٻئي جوهري وٽ پهتو. جڏهن ان قيمتي موتي ڏٺو تہ هو بہ ان کي ڏسي حيران ٿيو ۽ پڇيائين: هي تو وٽ ڪٿان آيو؟ عابد ساڳيو جواب ڏنو تہ هي اسان کي الله پاڪ جي طرفان رزق عطا ڪيو ويو آهي. جوهري چيو: هن جي قيمت گهٽ مان گهٽ ستر(70) هزار (درهم) آهي، مون کي تہ ان شخص تي افسوس ٿي رهيو آهي جنهن توکي ايترو قيمتي موتي ڏنو آهي بهرحال ستر(70) هزار درهم وٺ ۽ اهو موتي مون کي ڏئي ڇڏ. جڏهن اهو عابد سموري رقم کڻي پنهنجي گهر پهتو تہ ان وٽ هڪ سوالي آيو ۽ چيائين: مون کي هن مال مان ڪجهہ ڏيو جيڪو توهان کي الله پاڪ عطا ڪيو آهي. ان نيڪ شخص چيو: اسان بہ ڪلهہ تائين توهان وانگر محتاج ۽ غريب هئاسين. هي وٺ تون هن مان اڌ مال کڻي وڃ. هي ڏسي ان سوالي چيو: الله پاڪ توهان کي برڪتون عطا ڪري، مان تہ الله پاڪ جو هڪ ملائڪ آهيان، مون کي توهان جي آزمائش جي لاءِ موڪليو ويو آهي. (عيون الحکايات،الحکاية الخامسة عشر بعد المائة، ص ۱۳۳ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب!    صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ الله پاڪ جي راهہ ۾ مال خرچ ڪرڻ ۽ هڪ محتاج جي مدد جي برڪت سان ان غريب شخص کي ڪيتري قدر مال عطا ڪيو ويو. يقيناً اها ڳالهہ سچ آهي تہ جيڪو پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪندو آهي، الله ڪريم بہ ان جي مدد ڪندو آهي. جيڪو ڪنهن تي رحم ڪندو آهي الله پاڪ بہ ان تي رحم فرمائيندو آهي. ياد رکو! صدقو ۽

خَيرات ڪرڻ سان مال ۾ ڪا ڪمي ناهي ٿيندي. راهِ خدا ۾ خرچ (Spend) ڪيو وڃي تہ ان جو ثواب بہ ملندو آهي ۽ ان جي برڪت سان مال ۾ خيرو برڪت بہ ٿيندي آهي. پر اها سعادت انهن ماڻهن کي ملندي آهي جيڪي پنهنجي دل ۾ مال جي محبت نٿا رکن ۽ ٻين جي حاجت کي پنهنجي حاجتن تي ترجيح ڏيندي، الله پاڪ جي رضا خاطر انهن جي مدد ڪن ٿا. جيئن تہ بيان ڪيل حڪايت ۾ ان غريب شخص پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪمائي الله جي رضا جي لاءِ صدقو ڪري ڇڏي ۽ صدقي جي برڪت سان ملڻ واري مال مان بہ اڌ مال راهِ خدا ۾ ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي ويو. ياد رکو! راهِ خُدا ۾ خَرچ ڪرڻ، اِنسان جي پنهنجي ذات جي لاءِ ئي فائديمند آهي، جيڪي ماڻهو دل کولي نيڪي جي ڪمن ۾ خرچ ڪن ٿا، غريبن محتاجن جي مدد ڪن ٿا اُنهن جي مال ۾ حيرت انگيز طور تي ڏينهن رات ٻيڻ تي ترقّي ۽ برڪت ٿيندي آهي. جيئن سيپارو 3 سُوْرَةُالْبَقَرَة آيت نمبر 261 ۾ ارشاد آهي:

مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِيْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۶۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: انهن جو مثال جيڪي پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن اُن داڻي وانگر جنهن ڄمايا ست سنگ هر سنگ ۾ سؤ داڻا الله ان کان بہ وڌيڪ وڌائي ٿو جنهن لاءِ گهري، ۽ الله وسعت وارو علم وارو آهي.

بيان ڪيل آيتِ سڳوري تحت تفسيرِ صراطُ الجنان جلد 1 صفحہ 395 تي آهي: راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ وارن جي فضيلت هڪ مثال جي ذريعي بيان ڪئي پئي وڃي تہ اهو ائين آهي جيئن ڪو ماڻهو زمين ۾ هڪ داڻو ٻج پوکيندو آهي جنهن مان ست سنگ نڪرندا آهن ۽ هر سنگ ۾ سو داڻا پيدا ٿيندا آهن. ڄڻ هڪ ٻج کي داڻي طور تي پوکيندڙ ست سو ڀيرا وڌيڪ حاصل ڪري ٿو، اهڙي طرح جيڪو شخص راهِ خدا ۾ خرچ ڪندو آهي الله تعالىٰ ان کي ان جي اخلاص جي اعتبار سان ست سو ڀيرا وڌيڪ ثواب عطا ڪندو آهي

۽ اها بہ ڪا حد نہ آهي بلڪ اللّٰه تعاليٰ جا خزانا پريل آهن ۽ هو ڪريم ۽ جَوّاد آهي جنهن جي لاءِ چاهي ان ڪان بہ وڌيڪ ثواب عطا ڪري. (صراط الجنان،۱/۳۹۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن هن فرمانِ خداوندي مان هن ڳالھ جي سند ملي وئي تہ جيڪو خوش نصيب پنهنجي مال مان هڪ روپيو راهِ خُدا ۾ خَرچ ڪندو تہ اللّٰه ڪريم پنهنجي فضل ۽ احسان سان ان هڪ جي بدلي 700 گنا وڌيڪ عطا فرمائيندو تہ ڪو نادان ئي راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ ڪان پري ڀڄندو.

حضرت سَيدُنا امام شمسُ الدّين قُرطبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن اها آيتِ مُبارَڪ نازِل ٿي تہ نبي اڪرم، نورِ مُجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بارگاهِ خُداوَندي ۾ عرض ڪيو: رَبِّ زِدْ اُمَّتِی يعني اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! منهنجي اُمّت کي ان ڪان بہ وڌيڪ اجر ۽ ثواب عطا فرماءِ تہ بارگاهِ خداوندي مان اها خوشخبري ملي، (جيئن سيپارو 2سورة البقرة جي آيت نمبر 245 ۾ ارشاد آهي:)

مَنْ ذَا الَّذِیْ یُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَیُضٰعِفَهٗ لَهٗۤ اَضْعَافًا كَثِیْرَةً ؕ پ۲، البقرة: ۲۴۵

ترجموڪنزالايمان: آهي ڪو جيڪو اللّٰه کي قرضِ حسنہ ڏئي تہ اللّٰه ان کي تمام گهڻو وڌائي ڏئي

نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اها خوشخبري ماڻڻ جي باوُجُود پنهنجي اُمّت جي دَستگيري ڪندي وڌيڪ ڪرم نَوازي جي لاءِ عرض ڪيو: رَبِّ زِدْ اُمَّتِی يعني اي منهنجا رب! منهنجي اُمّت کي ان ڪان بہ وڌيڪ اجر ۽ ثواب عطا فرماءِ تہ ارشاد ٿيو:

اِنَّمَا یُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَیْرِ حِسَابٍ ۝۱۰ (پ۲۳،الزمر:۱۰)

ترجمو ڪنزالايمان: صبر ڪرڻ وارن کي سندن ثواب ڀرپور ڏنو ويندو بغير حساب جي.

(تفسير قرطبي، البقرة، تحت الآية:۲۶۱، ۲/ ۲۲۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي

أَمَّت سان ڪيترو پيار ڪن ٿا جو پنهنجي أُمَّت جي اعمال نامي ۾ صدقي جو ثواب وڌائڻ جي لاءِ بارگاه الٰهي ۾ عرض ڪري رهيا آهن تہ موليٰ منهنجي أُمَّت جي اجروثواب ۾ وڌيڪ اضافو ڪر. تنهنڪري راهِ خدا ۾ دل کولي خرچ ڪريو ۽ اها ڳالهہ پنهنجي ذهن (Mind) مان ڪڍي ڇڏيو تہ جيڪڏهن مان خرچ ڪندس تہ منهنجي مال ۾ ڪمي ٿي ويندي، مان پنهنجون ضرورتون ڪيئن پوريون ڪندس. منهنجي گهر وارن ٻارن ٻچن جا خرچ ڪيئن پورا ٿيندا؟ ياد رکو! اها شيطان جي چال آهي، هو نٿو چاهي تہ اسان الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪري اجروثواب جا حقدار بڻجون، انهيءَ ڪري هو اسان کي مال ۾ ڪمي جو خوف ڏياري صدقي کان روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اچو! ان شيطاني چال کي ناڪام بڻائڻ ۽ راهہ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ هڪ نهايت ئي پياري حڪايت ٻڌو.

## خرچ ڪريو الله ڪريم عطا ڪندو

حضرت سَيِدُنا قيس بن سَلع انصاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ ان جي ڀائرن حضورِ پاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ان جي شڪايت ڪئي تہ هي فضول خرچ ڪري ٿو ۽ هن مُعاملي ۾ گهڻو کليو هٿ آهي، تہ پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُن کي فرمايايو: توهان جي ڀائرن جو ڇا مسئلو آهي، هو هن گمان تي تنهنجي شڪايت ڪري رهيا آهن تہ تون پنهنجي مال ۾ گهڻي فضول خرچي ڪرين ٿو ۽ تنهنجو هٿ گهڻو کليو آهي؟ مون عرض ڪيو: يا رَسُولَ اللهصَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان آمدني مان پنهنجو حصو وٺي الله جي راهہ ۾ ۽ پنهنجن دوستن ۾ خرچ ڪيان ٿو تہ رَسُولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مبارڪ سيني تي مبارڪ هٿ رکيو ۽ ٽي ڀيرا فرمايائون: خرچ ڪر الله توکي عطا ڪندو. (راوي فرمائن ٿا) ان کان پوءِ جڏهن بہ مان راهہ خدا ۾ نڪرندو هئس تہ مون وٽ پنهنجي سواري هوندي هئي ۽ اڄ منهنجو هي حال آهي جو مان مال ۽ آسائش ۾ پنهنجي اهلِ خانہ (ڀائرن) کان وڌيڪ آهيان. (معجم الأوسط،۶/۲۱۰،حديث:۸۵۳۶)

## خيرات ڪريو توڙي کجور جو هڪ ٽڪرئي هجي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته صدقو ۽ خيرات ڪرڻ سان مال ۾ ڪمي ناهي ٿيندي بلڪ مال ۾ وڌيڪ برڪت ٿيندي آهي. ياد رکو! صدقو خيرات ڪرڻ جو هي مطلب ناهي ته اسان جيستائين امير ۽ ڪبير نه ٿي وڃون، خوب بينڪ بيلنس (Bank Balance) نه ناهي وٺون، سنو گهر، گاڏين ۽ نوڪر چاڪر وارا نه ٿي وڃون ان وقت تائين صدقو ئي نه ڪريون، بلڪ اسان جي جهڙي اِستِطاعَت آهي ان جي مطابق ننڍيون شيون به اخلاص ۽ رِضاءِ الٰهي جي لاءِ خرچ ڪنداسين ته ان جو فائدو دنيا ۾ به ملندو ۽ آخرت ۾ به نَجات جو سبب ٿيندو، جيئن ته فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: اِتَّقُوا النَّارَ وَلَوْ بِشِقِّ تَمْرَةٍ يعني باهه کان بچو، جيتوڻيڪ کجور جي هڪ ٽڪري (کي خيرات ڪرڻ) جي ذريعي. (بخاری، کتاب الرقاق،باب من نوقش الحساب عذب، ۴/ ۲۵۷،حدیث: ۶۵۴۰)

هن حديثِ پاڪ ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ تسلي آهي، جيڪي مَعاشي پريشانين ۾ مبُتلا هئڻ جي باوجود صدقو ۽ خَيرات ته ڪن ٿا پر معمولي شيءِ صدقو ڪرڻ جي ڪري دل ننڍي ڪندا آهن، حالانڪ صدقو چاهي گهٽ هجي يا وڌيڪ، جيڪڏهن حلال مال مان اِخلاص سان ڏنو وڃي ته يقيناً ثواب جي لحاظ کان نهايت ئي عُمده آهي جيئن ته اعليٰ حضرت اِمام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا والدِ گرامي حضرت مولانا مُفتي نَقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: صدقو ڏيڻ ۾ ننڍي شيءِ کي به حقير نه سمجهو، جيتوڻيڪ وڌيڪ جي استطاعت به هجي، هٿ پهچندو آهي (يعني انسان صدقو ڏيڻ جو اِرادو ڪندو آهي) پر شيطان روڪيندو آهي، نفس وچ ۾ ايندو آهي، هڪ شيطان چا سٽر (70) شيطان صَدَقي کان پري رکندا آهن. حديثِ شريف ۾ ارشاد آهي: انسان پنهنجو صدقو سٽر(70) شيطانن جي جاڙي چيري ڪڍندو آهي. (مجمع الزوائد، کتاب الزکاۃ، باب ارغام الشیطان بالصدقۃ، ۲۸۲/۳، حدیث: ۴۶۰۱) ته اهڙي حالت ۾ ٿورو ئي ڏي ۽ ان کي حقير سمجهي بلڪل لَا تَعَلُّق نه ٿئي، جوته ٿورڙي شيءِ سان به محتاج جي

ضرورت کنهن حد تائين پوري ٿيندي ۽ بُخل جي پاڙ دل تي جمڻ ۾ ڪجهه نه گهٽتائي ٿيندي. (فضائلِ دُعا،ص٢٧۶بتغيرقليل)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خيرات ڪرڻ جو هڪ آسان طريقو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيطاني مڪروفريب کان بچندي صدقو ۽ خيرات جي عادت بڻائڻ جي لاءِ روزانو هڪ رقم مُقرَر (Fix) ڪري ونو، مثال طور روزانو 10 روپيا راهه خدا ۾ خرچ ڪرڻا آهن، جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن مجبوري يا وسري وڃڻ جي صورت ۾ نه وجهي سگهياسين ته ايندڙ ڏينهن هٿو هٿ 20 روپيا ڪڍي ونو. جيڪڏهن صدقي جون فضيلتون لکي گهر ۾ ڪنهن اهڙي واضح هنڌ تي لڳايون وڃن جتي انهن جي ادب جو به خيال رکي سگهجي ۽ هلندي ڦرندي نگاهه پوڻ جي صورت ۾ به صدقي جي ترغيب ملندي رهندي.

## مجلس مدني عطيات بڪس !

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن طريقي تي عمل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مجلس "مدني عطيات بڪس" متعارف ڪرايو آهي، هن مدني عطيات بڪس کي دُڪانن، ڪارخانن، مارڪيٽن، شاپنگ مالز، ميڊيڪل اسٽورز ۽ دفترن ۽ گهرن وغيره ۾ رکڻ جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي، جن اسلامي ڀائرن جي دڪانن وغيره تي اهي بڪس رکوايا ويندا آهن، انهن کي گهرجي ته سنين سنين نيتن سان پاڻ به ڪجهه نه ڪجهه رقم بڪس ۾ وجهندا رهن ۽ گراهڪن (Customers) تي اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي به راهه خدا ۾ مال خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏيارين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ ترقي جي لاءِ اوهان جون اهي ڪوششون بارگاهِ الٰهي ۾ قبول ٿينديون.

پر افسوس! اڄڪلهه صدقو ۽ خَيرات جي ذريعي غريبن جي مَدَد ڪرڻ ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ مال خرچ ڪرڻ بدران فضول ۽ غير ضروري ڪمن جي

لاءِ تہ پنهنجن خزانن جا مُنهن کوليا ويندا آهن، پر هن ڳالھ ڌانهن ڪو ڌيان ناهي ڏنو ويندو تہ اسان جي چوڌاري مُعاشري جا ڏڪاريل ڪيئي اهڙا ماڻهو بہ موجود آهن، جن وٽ نہ تہ مٿو لڪائڻ جي لاءِ مُناسب جڳھ آهي، نہ بدن ڍڪڻ جي لاءِ لباس آهي ۽ نہ ئي پيٽ جي باھ وسائڻ جي لاءِ ضرورت آهر ماني. جيڪڏهن اسان پنهنجي جائز خُوشين سان گڏوگڏ وس آهر اهڙن سفيد پوش ماڻهن جي ضرورتن جو بہ خيال رکون ۽ انهن سان همدردي پريو سُلوڪ ڪريون تہ الله پاڪ پنهنجي رحمت سان آخرت ۾ تہ ان جو صلو عطا ڪندو ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ بہ ان جي جزا ملندي آهي. اچو! هن باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌو، جيئن تہ

## هتوهت صدقي جي برڪت ظاهر ٿي!

امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي مايہ ناز تصنيف"فيضانِ سُنَّت "جلد اوّل جي صفحي نمبر 513 تي نقل ڪن ٿا: جيئن تہ پنهنجي دؤر جا ابدال حضرت سيّدُنا ابو جعفر بن خطاب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا، منهنجي دروازي تي هڪ سوالي صدا هنئي مون گهرواريءَ کان پُڇيو تہ چا تو وٽ ڪجھ آهي؟ جواب مليو چار آنا آهن مون چيو، سائل کي ڏئي ڇڏيو، انهن ڏيئي ڇڏيا. سوالي آنا کڻي هليو ويو، اجا ٿوري دير مس گذري هئي تہ مون وٽ هڪ دوست آنن سان ڀريل هڪ ٽوڪري موڪلي. مون گهران پُڇيو، هن ۾ ڪل ڪيترا آنا آهن؟ انهن چيو 30. مون چيو توهان تہ فقير کي 4 آنا ڏنا هئا، هي 30 ڪهڙي حساب سان آيا! چوڻ لڳيون ٽيھ آنا صحيح آهن ۽ باقي **10** ڀڳل آهن، (ان جو سبب اهو هو جو) سوالي کي جيڪي آنا ڏنا ويا ها انهن مان ٽي صحيح ۽ هڪ ڀڳل هيو. اللّٰہ تعاليٰ هر هڪ جي بدلي ۾ ڏھ ڏھ عطا فرمايا. صحيح جي بدلي صحيح ۽ ڀڳل جي بدلي ڀڳل.

(روض الرياحين،الحكاية الخامسة والعشرون ...الخ،ص٢٧٤)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ صدقو ڪرڻ جي برڪت ڪهڙي طرح

هتو هٿ ظاهر ٿي ۽ حضرت جعفر بن خطاب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي چار آنا صدقو ڪرڻ جي برڪت سان آنن سان ڀريل ٽوڪري ملي وئي. نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وقت بوقت صدقي جون گهڻيون فضيلتون بيان ڪيون آهن. اچو! ترغيب جي لاءِ صدقي جي فضيلتن تي مشتمل 10 احاديثِ مُبارَڪ ٻڌون ٿا:

## صدقو ڏيڻ جا دنيا ۾ دنياوي فائدا

(١) فرمايائون: بيشڪ صدقو الله پاڪ جي غضب کي ٿڌو ڪري ٿو ۽ بُري موت کي دفع ڪري ٿو۔ (ترمذي،ڪتاب الزکاة،باب ما جاء في فضل الصدقة،۲/۱۴۶،حديث:۶۶۴) (٢) فرمايائون: صدقو بُرائي جا ستّر دروازا بند ڪري ٿو. (فردوس الاخبار، ۲/۳۴، حديث:۳۶۵۱) (٣) فرمايائون: صدقو گناه کي مٽائي ٿو جئين پاڻي باهه کي وسائيندو آهي۔ (ترمذي، ڪتاب الزکاة،۲/۱۱۸،حديث:۶۱۴) (۴) فرمايائون: بيشڪ مسلمان جو صدقو عمر *(Age)* کي وڌائي ٿو ۽ بُري موت کي روڪي ٿو. (فردوس الاخبار،۲/۲۶،حديث:۳۵۷۸) (۵) فرمايائون: الله پاڪ سان، ان جي ياد ۾ خُفيه ۾ ظاهر صدقي جي ڪثرت سان پنهنجي نسبت درست ڪريو، ته توهان کي روزي ۾ مدد ڏني ويندي ۾ توهان جون بگڙيل(خراب) ٺڄي وينديون. (ابن ماجه،باب في فرض الجمعة،۲/۵،حديث:۱۰۸۱)(٦) فرمايائون: صدقو ستّر قِسم جي بلائن کي روڪي ٿو جن ۾ سڀ کان آسان بلا، بدن بگڙڻ ۽ سفيد داغ آهن. (تاريخ البغداد،۸/ ۲۰۴، حديث:۴۳۲۶) (٧)فرمايائون: دوزخ کان بچو جيتوڻيڪ اڌ ڇوهارو ڏئي ڪري جو اهو ٽيڏائپ کي سڌو ۽ بُري موت کي پري ڪري ٿو. (مسند أبي يعلي،۱/۵۷،حديث:۸۰) (٨) فرمايائون: صبح جا صدقا آفتن کي پري ڪندا آهن. (فردوس الاخبار، ۲/۳۵،حديث:۳۶۵۳) (٩) فرمايائون: بيشڪ صدقو ۽ صِلهِ رحم (رشتيدارن سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ) سان الله تعاليٰ عمر وڌائي ٿو ۽ بُري موت کي پري ڪري ٿو. (مسند أبي يعلي، ۳/۳۹۷،حديث: ۴۰۹۰) (١٠) فرمايائون: صبح سوير صدقو ڏيو ڇوته بلا صدقي کان اڳتي قدم ناهي وڌائيندي. (معجم الأوسط،۴ /۱۸۰،حديث:۵۶۴۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## کھڙو مال صدقو ڪرڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! راهه خدا ۾ خرچ ڪرڻ وقت هن ڳالهه جو به خيال رکو ته جيڪا شيءِ اوهان کي سڀ کان وڌيڪ پسنديده هجي ان کي صدقو ۽ خيرات ڪريو ڇوته ان جو ثواب وڌيڪ آهي ۽ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ پنهنجي پسنديده شيء کي صدقو ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، جيئن سيپارو 4سوره آلِ عمران جي آيت نمبر 92 ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰی تُنۡفِقُوۡا مِمَّا تُحِبُّوۡنَ وَمَا تُنۡفِقُوۡا مِنۡ شَیۡءٍ فَاِنَّ اللّٰہَ بِہٖ عَلِیۡمٌ

(پ۴،اٰلِ عمران:۹۲)

**تَرجموڪنز الايمان:** اوهان ايستائين چڱائيءَ کي هرگز نه پهچندؤ جيستائين پنهنجِي پيارِي شيءِ خرچ نه ڪندؤ ۽ اوهان جو ڪُجهه خرچ ڪندؤ سو الله کي معلُوم آهي.

هن آيتِ سڳوري تحت تفسيرِ صراطُ الجِنان ۾ آهي ته هن آيت ۾ ڀلائي مان مُراد تقويٰ ۽ فرمانبرداري آهي ۽ خرچ ڪرڻ جي باري ۾ حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهما جن فرمايائون ته هتي خرچ ڪرڻ ۾ واجب ۽ نفلي تمام صدقا داخل آهن. امام حسن بصري رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن فرمايو: جيڪو مال مسلمانن کي پسند هجي ۽ ان کي رضاءِ الٰهي جي لاءِ خَرچ ڪري، اهو هن آيت ۾ داخل آهي، چاهي هڪ ڪجور ئي هجي. (تفسيرِخازن،پ۴، اٰل عمران،۲۷۲/۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ مبارڪ تي عمل ڪرڻ وارن اسان جي بزرگانِ دِين جو جذبو مرحبا! اچو! هن جي باري ۾ بزرگن جا واقعا ٻڌو ۽ راهه خدا ۾ پنهنجي پياري شيء صدقو ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪريو. جيئن ته

## پسنديده باغ راهه خُدا ۾ ڏئي ڇڏيو

(1) حضرت سَيدُنا ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡه مديني ۾ وڏا مالدار هئا، انهن کي پنهنجي مال ۾ بَيرُحَاء نالي هڪ باغ گهڻو پسند هو، جڏهن اها آيت نازل

تي تہ انهن بارگاھ رسالت ۾ بيهي عرض ڪيو: مون کي پنهنجي مال مان بَيرُحَاء باغ سڀ کان پيارو آهي، مان ان کي راھ خدا ۾ صدقو ڪيان ٿو. حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان تي خوشي جو اظهار فرمايو ۽ پوءِ حضرت ابوطلحہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سَرورِ ڪائنات جي اشاري تي اهو باغ پنهنجي رشتيدارن ۾ ورهائي ڇڏيو. (بخاري ،ڪتاب الزڪاة ،باب الزڪاة علي الاقارب،۴۹۳/۱حديث:۱۴۶۱ملخصاً)

## پسنديدہ گھوڙو پيش ڪري ڇڏيو!

(2) حضرت عمرو بن دينار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن اها آيت سڳوري نازل ٿي تہ حضرت زيد بن حارثہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي (پسنديده) گھوڙي کي وٺي بارگاھِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو: يا رسول الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ، اوهان هن گھوڙي کي صدقو ڪري ڇڏيو. تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهو گھوڙو ان جي پُٽ حضرت اُسامہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي عطا ڪيو تہ حضرت زيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: مون هن گھوڙي کي صرف (الله تعالىٰ جي راھ ۾) صدقو ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي! نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: بيشڪ تنهنجو صدقو قبول ڪيو ويو آهي.

(تاريخِ ابن عساڪر ، ذڪر من اسمه زيد، زيد بن حارثه بن شراحيل، ۳۶۷/۱۹ )

## ڪنڊ جون ٻوريون صدقو ڪندا هئا!

(3)حضرت سيّدنا عُمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ شڪر (ڪنڊ) جون ٻوريون خريدي صدقو ڪندا هئا. اوهان کي چيو ويو: هن جي قيمت صدقو ڇو نٿا ڪيو؟ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايائون: ڪنڊ مون کي محبوب ۽ پسند آهي، مان چاهيان ٿو تہ راھ خدا ۾ پنهنجي پياري شيءِ کي خرچ ڪيان. (تفسيرِمدارڪ، آل عمران، تحت الآية: ۹۲، ص۱۷۲)

ميں سب دولت رہِ حق ميں لُٹا دُوں شہا ايسا مجھے جذبہ عطا ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مدني انعامات“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اوهان بہ صدقو ۽ خيرات جو جذبو وڌائڻ چاهيو ٿا تہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ (Associate) ٿي وڃو ۽ جنهن سان جيترو ٿي سگهي، پنهنجي بين مصروفيتن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت مدني ڪمن جي لاءِ ضرور ڪڍڻ گهرجي، انهن مدني ڪمن ۾ شموليت جي برڪت سان اسان گناهن کان بچندا رهنداسين، آخرت جي لاءِ نيڪين جو ذخيرو گڏ ٿيندو رهندو، نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن خوش نصيبن ۾ اسان جو شُمار ٿيندو، چڱي صحبت مُيسّر ايندي، هر عاشقِ رسول جي لاءِ دعوتِ اسلامي جا مدني ڪم ڪرڻ جا نهايت آسان موقعا آهن، جيڪڏهن هاڻي بہ اسان عملي طور تي مدني ڪمن ۾ شامل نہ ٿي سگهون تہ شايد ڪوڙ نيڪين کان محرومي ٿي سگهي ٿي، اچو! اسان سڀ گڏجي هن عظيم مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي،“ کي ماڻڻ جي لاءِ ڀرپورڪوشش ڪريون ٿا، 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مَدَنِي اِنْعَامات“ جي مُطابِق روزانو فِڪرِ مدينہ ڪندي هر مَدَني مهيني جي پهرين تاريخ جو پنهنجي ذِمّيدار کي مَدَني انعامات جو رِسالو جمع ڪرائڻ بہ آهي.

ياد رکو! مدني انعامات تي پاڻ عمل ڪندي ٻين عاشقان رسول ۾ مدني انعامات جا رسالا تقسيم ڪرڻ ۽ پوءِ مهينو پورو ٿيڻ تي انهن کان وٺڻ بہ اسان جي ذميداري آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني اِنعامات عمل جو جذبو وڌائڻ ۽ گناهن کان پيڇو ڇڏائڻ جو بهترين نُسْخو آهن، ❁ مَدَني اِنعامات تي عمل ڪرڻ وارن سان اَميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلاميدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه گهڻو خوش ٿين ٿا ۽ اُنهن کي دُعائن سان نوازيندا آهن، ❁ مَدَني اِنعامات تي عمل جي بَرَڪت سان خَوْفِ خُدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي جي لازوال دَولت ملندي آهي،❁مَدَني اِنعامات جو هي عظيم

تحفو (Gift) اَسلافِ ڪرام رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِمۡ اَجۡمَعِين جي ياد ڏياري ٿو، ❁ مَدَني اِنعامات بُزرْگانِ دِين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِمۡ اَجۡمَعِين جي نَقشِ قَدَم تي هلندي فِڪرِ مدينہ يعني پنهنجي عملن جو مُحَاسَبو ڪرڻ جو بهترين ذَرِيعو آهي.

## روزانہ فڪرِ مدينہ ڪرڻ جو اِنعام

اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ملاحظ ڪريو، هڪ اسلامي ڀاءُ جي تَحرير جو خُلاصو آهي تہ هڪ ڀيري اهو مَدَني قافِلي جي سفر ۾ هو . ان دَوران اُن تي ڪرم ٿيو. هيئن ٿيو جو رات جو جڏهن هو ستو تہ قسمت کلي پئي ۽ ڇا ٿو ڏسي تہ جنابِ رِسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خواب ۾ تشريف فرما ٿيا آهن. اجا سندن جلون ۾ ئي گُم هو جو مُبارَڪ چَپن کي جُنبِش ٿي، رَحمت جا گل وسڻ لڳا ۽ لفظ ڪجهہ ائين تَرتِيب ۾ آيا: ”جيڪي مَدَني قافِلي ۾ روزانو فڪرِ مدينہ ڪن ٿا مان انهن کي پاڻ سان گڏ جَنَّت ۾ وٺي ويندس.“

مِرے تم خَواب میں آؤ،مِرے گھر روشنی ہوگی　　مِری قسمت جگا جاؤ،عِنایت یہ بڑی ہوگی
مجھے گر دِید ہوجائے،تو میری عِید ہوجائے　　تِرا دِیدار جب ہوگا، مجھے حاصِل خوشی ہوگی
میں بَن جاؤں سَراپا ”مَدَنی اِنْعامات“ کی تَصویر　　بَنُوں گا نیک یااللہ اگر رَحمت تِری ہوگی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## چڱي ڪان چڱي شيءِ صدقو ڪريو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ صدقو ڪرڻ جو ارادو ٿئي تہ چڱي کان چڱي شيءَ صدقو ڪرڻ گهرجي. اسان جي بزرگان دين رَحمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡهِم اجمعين پنهنجي سڀ کان محبوب شيءِ الله ڪريم جي راهہ ۾ ڏيڻ جو جذبو رکندا هئا ۽ هڪ اسان آهيون جو صدقو ۽ خيرات ڪرڻ ۾ سُستي ۽ تَنگدِلي جو مُظاهرو ڪيون ٿا يا وري اهڙي شيءِ صدقو ڪريون ٿا جيڪا ناڪاره ٿي اسان جي استعمال

لائق نئي رهي مثال طور مانين تي سنور لڳي وئي، ٻوڙ ناراض (باسي) ٿي ويو يا قرباني جو گوشت جڏهن پنهنجي استعمال جو نہ رهيو تہ ٻڌي ڪري گهر ۾ ڪم ڪرڻ واري ماسيءَ يا ڪنهن سوالي کي ڏيندا آهيون، سيلاب زَدگان يا آفتن ۾ ورتل ماڻهن کي گهٽ قيمت وارو راشن ۽ اهي ڪپڙا جيڪي گهر ۾ ڪير نٿو پائي ۽ اهي جوتا جيڪي پائڻ لائق نٿا رهن انهن کي اِمداد ۽ صدقي طور موڪليا ويندا آهن. ٿورو سوچيو تہ سهي اها ڪهڙي عجيب ڳالهہ آهي جو جڏهن پنهنجي کائڻ پيئڻ يا اِستِعمال جي ڳالهہ اچي تہ عُمدَه کان عُمدَه شيءِ جي چونڊ (Selection) ڪئي ويندي آهي ۽ جڏهن ڳالهہ راهِ خُدا ۾ ڏيڻ جي اچي تہ بچيل پراڻي يا گهٽ قيمت واريون شيون صدقو ۽ خيرات ڪيون وينديون آهن. پنهنجي ٻارن جي لاءِ تہ اَعليٰ کان اَعليٰ ڪوالٽي واريون شيون خريديون وينديون آهن پر جڏهن ڪنهن غريب جي ٻار کي ڏيڻي هجي تہ گهٽ معيار جون شيون بہ احسان ڪري ڏنيون وينديون آهن. اسان پنهنجي گهر ۾ تہ پنهنجي من کي وڻندڙ ڪاڏا وڏي اهتمام سان ڪايون پر انهيءَ دوران ڪو سوالي اچي وڃي تہ ان کي ڏڪاري ڇڏيون يا گهر ۾ بچيل باسي ٻوڙ جنهن کي ڪير نہ کائي ان کي ڏئي ڇڏيون ۽ ان خوش فهمي جو شڪار ٿيون تہ نيڪ آ ڪاڌو ضايع ٿيڻ کان بچي ويو ۽ ڪنهن غريب جو پلو ٿي ويو پر اسان جي بزرگانِ دين جو انداز هن معاملي ۾ بہ نرالو (Strange) هوندو هو، اهي بزرگ پنهنجي خواهش سبب ڪڏهن سنو ڪاڌو پچرائيندا هئا ۽ ان دوران ڪو سوالي گهر اچي صدا لڳائي تہ هي نيڪ ماڻهو پنهنجي خواهش کي قربان ڪري پنهنجي پسنديده شيءِ سوالي کي ڏئي ڇڏيندا هئا، جيئن تہ

حضرت سيدُنا سعيد بن اَبي هلاَل رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت سيدُنا ابنِ عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا مقامِ جُحفہَ ۾ ترسيا. ان وقت پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنه ڪجهہ بيمار هئا، سندن مڇي کائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، ساٿين ڳولها ڪئي پر صرف هڪ ئي مڇي ملي سگهي. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنه جي گهرواريءَ

حضرت صَفِيہ بنتِ اَبي عُبَيدرَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْها مجي پچائي حضرت سيدُنا ابنِ عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهمَا کي پيش ڪئي. ايتري ۾ هڪ مسڪين اوهان وٽ اچي بيهي رهيو. حضرت سيدُنا ابنِ عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهمَا ان کي فرمايائون: مجي ڪٽي وجِ. اهو ڏسي گهرواريءِ عرض ڪيو: سُبحَانَ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ! هن مجي تہ اسان کي ٿڪائي ڇڏيو آهي ۽ سوالي کي ڏيڻ جي لاءِ اسان وٽ ٻيو ڪاڏو بہ موجود هو اهو ان کي ڏيو ها. پاڻ فرمايائون: پر عبدالله کي تہ اها مجي پسند هئي (۽ پسنديده شيءِ جو صدقو افضل آهي). (تاريخ ابن عساکر،عبدالله بن عمربن الخطاب،۱۴۳/۳۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## احسان نہ جِتايو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي بُزرگ سڳورن جي مبارڪ سِيرت جو اهو ڪيتري قدر شاندار پهلو آهي جو اهي حضرات پنهنجي خواهشن (Wishes) کي ٻين جي حاجت ۽ مدد جي لاءِ قربان ڪندا هئا. اسان کي بہ گهرجي تہ الله پاڪ جي ڏنل مال مان پنهنجي اهل و عيال جي ڪفالت سان گڏوگڏ غريبن ۽ مسڪينن تي خَرچ ڪرڻ جي عادت بہ بڻايون ۽ هن ڪم کي پاڻ لاءِ سَعَادَت ۽ آخرت ۾ نجات جو ذريعو سمجهون ۽ ڪنهن غريب جي مالي مدد ڪرڻ کان بعد ان تي ٿورو جِتائي ان کي شرمسار ۽ رُسوا نہ ڪريون نہ تہ صدقي جو ثواب ضائع ٿي سگهي ٿو. ثواب انهيءَ صَدَقي جو مِلندو آهي جيڪو اِحسان ٻڌائي نہ ڏنو وڃي. الله پاڪ پنهنجي راهہ ۾ خَرچ ڪرڻ وارن جي باري ۾ سيپارو 3، سُورَةُالْبَقَرَہ جي آيت نمبر262 ۽ 263 ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

اَلَّذِيۡنَ يُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ فِیۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتۡبِعُوۡنَ مَاۤ اَنۡفَقُوۡا مَنًّا وَّ لَاۤ اَذًى ۙ لَّهُمۡ اَجۡرُهُمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ۚ وَلَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ ﴿۲۶۲﴾ قَوۡلٌ مَّعۡرُوۡفٌ وَّ مَغۡفِرَةٌ خَيۡرٌ مِّنۡ صَدَقَةٍ يَّتۡبَعُهَاۤ

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن پوءِ ڏني پٺيان ٿورو نہ جِتائن ۽ نہ تڪليف ڏين انهن جو اجورو سندن ربّ وٽ آهي ۽انهن کي نہ تہ ڪو ڊپ هجي نہ ڪو غم.چڱي ڳالهہ چوڻ ۽ درگزر ڪرڻ ان خيرات کان ڀلو آهي جنهن پٺيان ستائڻ هجي.

اَذًى ؕ (پ۳،البقرة:٢٦٢، ٢٦٣)

حضرت عَلّامہ عَلاءُ الدّين علي بِن محمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تفسيرِ خازِن ۾ هن آيت سڳوري تحت فرمائن ٿا تہ اِحسان (ٿورو) جتائڻ مان مُراد ڪنهن کي ڪجھ ڏيڻ کان پوءِ ٻين جي سامهون اهو ظاهر ڪرڻ آهي تہ مون ايترو ڪجھ توکي ڏنو ۽ توسان اهڙا اهڙا سُلُوڪ ڪيا. پوءِ اهڙي طرح ڪنهن کي رنجيده ۽ غمگين ڪرڻ، اِحسان جتائڻ چورائيندو آهي ۽ ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ سان مُراد، ان کي عار ڏيارڻ آهي، مثال طور هي چيو وڃي تہ تون نادار هئين، مُفلس هئين، مَجبُور هئين، نڪمو هئين وغيره مون توسان ڀلائي ڪئي. مزيد فرمائن ٿا: جيڪڏهن سوالي کي ڪجھ نہ ڏنو وڃي تہ ان سان چڱي ڳالھ چوڻ ۽ خُوش اخلاق سان اهڙو جواب ڏيڻ جو ان کي ناگوار نہ گُذري ۽ جيڪڏهن هو سُوال ۾ زور ڀري يا زبان درازي ڪري تہ ان کان دَرگُذر ڪرڻ (ان صَدَقي کان بهتر آهي جنهن کان پوءِ ستايو ۽ اِحسان جتايو وڃي).(تفسير خازن، پ٣، البقرة،١/ ٢٠٦ ملخصاً)

## اِحتِرَامِ مُسلِم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! اِسلام اِحترَامِ مُسلِم جو ڪيتري قدر لحاظ رکيو آهي جو ڪو شَخص پنهنجي مُسَلمان ڀاءُ جي مالي اِمداد ڪرڻ کان پوءِ اِحسان ڳڻائي يا طعنو ڏئي ان کي تڪليف نہ ڏي، بلڪ ان جي عزّتِ نَفس جو اِحتِرام ڪري، ڇوتہ صدقو ۽ خَيرات ڏيڻ سان ڪنهن کي اهو حق حاصِل ناهي ٿيندو جو جڏهن چاهي اِحسان ياد ڏياري ڪنهن غريب جي عزّت ڌوڙ ۾ ملائي ڇڏي. اهڙي صدقي کان بهتر هو تہ اهو ان کي ڪجھ ڏي ئي نہ ها يا مَعذِرَت ڪري ها يا ڪنهن ٻئي شَخص وٽ موڪلي ها. هتي اُن ماڻهن جي لاءِ هدايت جو درس آهي جيڪي پهريان تہ جَوش ۾ اچي ضَرورت مندن جي مدد ڪندا آهن پر بعد ۾ پنهنجن طعنن جي تِيرن سان انهن جون دليون ڏڪائيندا آهن. ڪنهن ڳالھ تي ٿوري ڪاوڙ آئي تہ هڪدم پنهنجي اِحسانن جي وڏي فهرست ٻڌائڻ شروع ڪندا آهن. مثال طور ڪل تائين تون فقير هئين، هر هڪ کان پيو پنندو هئين مون تنهنجي مدد ڪئي هئي. تنهنجو فلاڻو عزيز

اسپتال ۾ تڙپي رهيو هو علاج (Treatment) جي لاءِ مون توکي پيسا ڏنا ها. تنهنجي نياڻي جي شادي جو سمورو خرچ مون ڪنيو هو، منهنجا اهي احسان وساري ويٺين؟

## پنهنجا صدقا باطل نہ ڪريو!

ياد رکو! ڪنهن جي مالي مدد ڪرڻ کان بعد احسان جتائي اهڙي طرح جون ڳالهيون ڪرڻ ثواب کي ضائع ڪري ڇڏيندو آهي. جيئن تہ سيپارو 3، سُوۡرَۃُ الۡبَقَرَہ جي آيت نمبر264 ۾ اِرشادِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تُبۡطِلُوۡا صَدَقٰتِكُمۡ بِالۡمَنِّ وَالۡاَذٰىۙ

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ پنهنجا صدقا (خيرات) ضايع نہ ڪريو تورو جتائي ۽ تڪليف ڏئي.

هن آيتِ سڳوري تحت تفسير صِراطُ الجنان ۾ آهي تہ اي ايمان وارو! جنهن تي خرچ ڪريو ان کي اِحسان جتائي ۽ ان کي تڪليف پهچائي پنهنجي صدقي جو ثواب برباد نہ ڪريو جوتہ جهڙي طرح منافق شخص ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي واھ واھ ڪرائڻ جي لاءِ مال خرچ ڪندو آهي پر ان جو ثواب برباد ٿي ويندو آهي اهڙي طرح فقير تي احسان جتائڻ واري ۽ ان کي تڪليف ڏيڻ واري جو ثواب بہ ضائع ٿي ويندو آهي. ان جو مثال ائين سمجهو تہ جيئن هڪ چڪنو پٿر هو جنهن تي مٽي پيل هئي، جيڪڏهن ان تي زوردار برسات ٿي وڃي تہ پٿر بلڪل صاف (Clean) ٿي ويندو آهي ۽ ان تي مٽي جو نالو ۽ نشان بہ باقي ناهي رهندو. اهو ئي حال منافق جي عمل جو آهي جيڪو ڏسڻ وارن کي معلوم ٿيندو آهي تہ عمل آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اهي تمام عمل باطل ٿيندا جوتہ اهي رضاءِ الٰهي جي لاءِ نہ هئا يا ائين چئو تہ منافق جي دل جڻ پٿر جي چٽان آهي، ان جون عبادتون خاص ڪري صدقا ۽ ڏيکاءُ واريون خيراتون جڻ اهي مٽي ۽ ڌوڙ آهن جيڪي چٽان تي پئجي ويون، جنهن ۾ ٻج جي پوک تي نٿي سگهي، رب تعاليٰ جو انهن سيني کي رد ڪرڻ جڻ اهو

پاڻي آهي جيڪو سپ مٿي ڪٽي ويو ۽ پٿر کي ساڳي وانگر ڪري ويو. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن صدقو ظاهر ڪرڻ سان فقير جي بدنامي ٿيندي هجي تہ صدقو لڪائي ڏيڻ گهرجي جو ڪنهن کي خبر نہ پئي. (صراط الجنان، ۱/۴۰۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ صدقو ڏئي ڪنهن تي احسان جتائڻ ۽ ان جي دل کي طعنن جي تِيرن سان زخمي ڪرڻ سان صدقي جو ثواب ضائع ٿي ويندو آهي، تنهنڪري اخلاص ۽ رِضاءِ الٰهي جي حُصُول جي لاءِ صدقو ۽ خيرات ڪريو چوتہ اهو عمل ثواب جو سبب ۽ آخرت ۾ نجات جو ذريعو بڻجندو. ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ هن طرح صدقو ڪرڻ تہ جنهن سان سامهون واري جي بد نامي ٿئي شريعت منع فرمايو آهي.

## بخل (ڪنجوسي) کان بچو!

بعض نادان دنياوي مال ۽ دولت جا ايترا حريص هوندا آهن جو راهہ خدا ۾ صدقو ۽ خيرات جو نالو ٻڌندي ئي پري ڀڄندا آهن ۽ ڪنجوسي جي حد پار ڪندي الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ تہ رهيو پري پر پنهنجي ذات ۽ پنهنجي گهر وارن جي ضروري حاجتون بہ مئل دل سان پوري ڪندا آهن، اهڙن ماڻهن جي دل ۽ دماغ تي هر وقت دنياوي مال ۽ دولت جمع ڪرڻ جو جنون سوار رهندو آهي ۽ پوءِ اهو ئي بخل ۽ حرص آهستي آهستي انهن کي سرڪش ۽ يادِ خُداوندي کان غافِل ڪندو آهي. قرآنِ پاڪ ۾ مالدارن ۽ صاحبِ ثروت ماڻهن کي راهہ خدا ۾ خرچ ڪرڻ ۽ بخل کان بچڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي، جيئن سيپارو 26 سوره محمد آيت نمبر 38 ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

هٰۤاَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ تُدْعَوْنَ لِتُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ فَمِنْكُمْ مَّنْ يَّبْخَلُ ۚ وَ مَنْ يَّبْخَلْ فَاِنَّمَا يَبْخَلُ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ الْغَنِيُّ وَ اَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ ۚ وَ اِنْ تَتَوَلَّوْا يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ ۙ ثُمَّ لَا يَكُوْنُوْۤا اَمْثَالَكُمْ ﴿۳۸﴾

ترجمو كنز الايمان: هائو توهان تہ اهي آهيو جو سڏيا ويندا آهيو الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جي واسطي پوءِ توهان مان ڪو بخيلي ڪندو آهي ۽ جيڪو بخيلي ڪري اهو پنهنجي ئي جان تي بخيلي ڪري ٿو ۽ الله بي نياز آهي ۽ توهان سمورا محتاج ۽ جيڪڏهن توهان منهن ڦيريو تہ اهو توهان جي جاءِ تي ٻيا ماڻهو آڻيندو پوءِ اهي توهان جهڙا نہ هوندا.

## انسان جي هلاڪت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي ماڻهو ڪنجوسي ڪندي راهہ خُدا ۾ مال خرچ ڪرڻ بدران گڏ ڪرڻ ۾ لڳل رهن ٿا اهي دنياوي نقصانن سان گڏوگڏ آخرت ۾ بہ نقصان ڪڻندا.

## بخل (ڪنجوسي) جي مذمت تي ٻہ حديث سڳوريون

اچو! بخل جي مذمّت تي ٻہ حديث سڳوريون ٻڌو ۽ هن باطني بيماري کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو،

(1) فرمايائون: هن اُمت جا اڳوڻا ماڻهو يقين ۽ زُهد جي ذريعي نجات ماڻيندا جڏهن تہ آخري ماڻهو بخل ۽ خواهشن جي سبب هلاڪت ۾ مبتلا ٿيندا. (فردوس الاخبار،۳۷۴/۲ ،حديث:۷۱۰۶)

(2) فرمايائون: الله پاڪ هن ڳالھ تي قسم ياد فرمايو آهي تہ جنت ۾ ڪو بخيل (ڪنجوس) داخل نہ ٿيندو. (كنزالعمال،كتاب الاخلاق،قسم الاقوال،جزء ۲،۱۸۱/۳، حديث: ۷۳۸۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ بخل جون ڪيتري قدر تباھ ڪاريون آهن، ڇا اها هلاڪت گهٽ آهي جو الله پاڪ هن ڳالھ تي قسم ذڪر فرمايو آهي تہ جنت ۾ ڪو ڪنجوس شخص داخل نہ ٿيندو. ڇا هاڻي بہ اسان بخل جهڙي نحوست کان نہ بچنداسين؟ ڇا اڃا بہ اسان ڪنجوسي ڪنداسين؟ ڇا اڃا بہ بخل جي ذريعي پنهنجي تباهي جا سبب پاڻ ئي پيدا ڪنداسين؟ ڇا اڃا بہ

صدقي ۽ خيرات کان منهن موڙيندا سين؟ ياد رکو! بخيل شخص ماڻهن جي نگاهن ۾ حقير بڻجي ويندو آهي ۽ معاشري (Society) ۾ ان کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ناهي ويندو ۽ اهڙو ڪنجوس شخص ابليس لعين کي گهڻو پسند آهي. جيئن حضرتِ سَيدُنَا يحييٰ عَلَيه السَّلَام ابليس کان پڇيائين: توکي ڪهڙو ماڻهو پسند ۽ ڪهڙو ناپسند آهي؟ ابليس چيو: مون کي مومن بخيل پسند آهي پر گنهگار سخي پسند نہ آهي؟ پاڻ عَلَيه السَّلَام پڇيائين: ائين چو؟ ابليس چيو: ان ڪري جو بخيل (ڪنجوس) کي تہ ان جو بخل ئي تباهہ ڪندو پر فاسق سخي جي باري ۾ مون کي اهو خطرو آهي تہ ڪٿي الله تَعَالي ان جي گناهن کي ان جي سخاوت جي سبب معاف نہ فرمائي ڇڏي. پوءِ ابليس ويندي اهو چوندو ويو تہ جيڪڏهن اوهان پيغمبر نہ هجو ها تہ مان (راز جون اهي ڳالهيون) ڪڏهن نہ ٻڌايان ها. (مكاشفة القلوب ،ص ١٨١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ بخيل (ڪنجوس) شخص شيطان کي گهڻو پسند آهي تہ اهڙي شخص تي ابليس کي وڌيڪ محنت ناهي ڪرڻي پوندي بلڪ ان شخص جو بخل ئي ان کي هلاڪ ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي . ڪنجوسي ڪيئي ديني ۽ دنيوي نقصانن جو سبب بڻجندي آهي.

## بخل جا ديني نقصان:

اچو! ڪنجوسي جا ڪجهہ ديني نُقصان ٻڌو ۽ هن بري عادت مان ڇُوٽڪارو ماڻڻ جي نِيت بہ ڪريو، جيئن

(1) بخل (يعني ڪنجوسي) ڪرڻ وارو ڪڏهن ڪامل مومن نٿو بڻجي سگهي، بلڪ ڪڏهن بخل ايمان کان بہ روڪي ڇڏيندو آهي ۽ انسان کي ڪفر ڏانهن ڪٽي ويندو آهي، جيئن قارون کي ان جي بُخل اسلام قبول ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو.(2) بخل ڪرڻ وارو ڇڻ تہ ان وڻ جي ٽاري پڪڙي رهيو آهي جيڪا ان کي جهنم جي باهہ ۾ داخل ڪري ئي ڇڏيندي. (3) بخل جي ڪري جنت ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي سگهجي ٿو. (4) بخل ڪرڻ وارو مال خرچ ڪرڻ جي ثواب کان محروم ٿي ويندو ۽ نہ خرچ ڪرڻ جي وبال ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. (5)

بخل ڪرڻ وارو حرص جهڙي خطرناڪ باطني مرض جو شڪار ٿي ويندو آهي ۽ ان تي مال گڏ ڪرڻ جي ڌُن سوار ٿي ويندي آهي ۽ ان جي لاءِ اهو جائز ناجائز تائين جي پرواهه ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي. ۽ ان جي علاوه بہ ڪوڙ ديني نقصان آهن. (صراط الجنان، ۳۳۳/۹)

## بخل جا دنيوي نقصان:

اچو! هاڻي هن ڪنجوسي جي ڪري ٿيڻ وارن دنيوي نقصانن جي باري ۾ ٻڌون ٿا. (1) بخل (يعني ڪنجوسي) انسان جي سڀ کان بدتر (بُري) خامي آهي.(2) بخل ملامت ۽ رُسوائي (Disgrace) جو ذريعو آهي. (3) بخل (ڪنجوسي) خونريزي (قتل و غارت) ۽ فساد جي جڙ ۽ هلاڪت ۽ بربادي جو سبب آهي. (4) بخل (ڪنجوسي) ظلم ڪرڻ تي اُڀاري ٿي.(5) بخل ڪرڻ سان رشتيداريون ٽٽنديون آهن. (6) بخل ڪرڻ جي ڪري ماڻهو مال جي برڪت کان محروم ٿي ويندو آهي. (صراط الجنان، ۳۳۳/۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪتاب ضياءِ صدقات جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ ڪنجوسي جا ڪهڙا دِيني ۽ دُنيوي نقصان آهن. اسان کي انهن سمورن نُقصانن کان بچڻ جي لاءِ وقت بوقت صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جو مَعمُول بڻائڻ گهرجي، فضول خرچي کان بچندي پنهنجي ضرورتن سان گڏوگڏ غريبن جي مدد بہ ڪرڻ گهرجي. راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو ماڻڻ ۽ بخل جهڙي بيماري کان نجات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب ”ضیاءِ صَدَقات“ جو مُطالعو نهايت مُفيد آهي. اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ صَدَقي جي معني ۽ قِسمون، فرض زڪوٰة جو بَيان، صلہ رحمي (رِشتي دارن سان حُسنِ سُلوڪ) جون فضيلتون، بُخل جي مَذَمَّت وغيره ۽ صدقو ڏيڻ جون فضيلتون، ۽ نہ ڏيڻ جي وعيدن تي مشتمل قرآني آيتون ۽ مبارڪ حديثون ۽ بزرگ سڳورن جي قولن کي بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اڄ ئي

هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هَديو ڏئي طَلَب ڪري پاڻ بہ هن جو مُطالعو ڪيو، ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جي ڀرپور ترغيب ڏياريو. ان کان علاوه اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جو رِسالو "مديني جي مڇي" ۽ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رِسالو "صدقي جو اِنعام" پڙهڻ بہ بيحد مُفيد ٿيندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب ۽ هنن رسالن کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان صدقي ۽ خيرات جون فضيلتون ۽ بخل جي مذمت جي باري ۾ ٻڌو تہ

- صدقي ۽ خَيرات جي برڪت سان رزق ۾ ڪشادَگي ايندي آهي.
- صدقي ۽ خَيرات جي برڪت ڪڏهن هتو هٿ بہ ظاهر ٿيندي آهي .
- الله پاڪ صدقي ۽ خيرات جي برڪت سان اهڙي هنڌان رزق عطا ڪندو آهي جتان انسان جو گمان بہ ناهي هوندو.
- اسان جي بزرگانِ دِين راهِ خدا ۾ پنهنجي پسنديده شيء خرچ ڪندا هئا.
- صدقو ۽ خيرات ڪرڻ وقت اسان کي الله جي رضا کي پيشِ نظر رکڻ گهرجي.
- ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ صدقو ڪرڻ سان ان جو ثواب ضائع ٿي ويندو آهي.

الله ڪريم اسان کي خُوش دلي سان پنهنجي راهه ۾ خوب صدقو ۽ خَيرات ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ بخل جهڙي بيماري کان محفوظ فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻندي زڪوٰة جي ادائيگي ۾ احتياطون ۽ ڪجهه مدني گل بيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو .

## زڪوٰة ادا ڪرڻ جا مدني گل!

قرآنِ پاڪ ۾ الله تعاليٰ ڪيئي هنڌن تي زڪوٰة ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ان جي اهميت بيان فرمائي. آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪوڙ حديثن سڳورين ۾ زڪوٰة ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏياري. ٻه فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1) توهان جي اسلام جو پورو هجڻ هي آهي ته پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا ڪريو. (مجمع الزوائد،ڪتاب الزڪاة،٣ /١٩٨،حديث: ۴٣٢۶) (2) اسلام جو بنياد پنج شين تي آهي ان مان هڪ زڪوٰة ادا ڪرڻ به آهي. (ترمذي،ڪتاب الايمان، ۴/٢٧۵ حديث:٢۶١٨ماخوذاً) صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان به دل کولي راهه خدا ۾ پنهنجو مال صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا. زڪوٰة جي ادائيگي فرض آهي ۽ نه ڏيڻ وارو فاسق جڏهن ته ادائيگي ۾ تاخير ڪرڻ وارو گنهگار ۽ مَردُودُ الشَّهادة (يعني ان جي شاهدي قابل قبول ناهي) آهي. (بهارِ شريعت، ۵ /٨٧۴ ملخصاً) الله پاڪ جي رضاحاصل ڪرڻ جي لاءِ مال جي هڪ حصي جو جيڪو شريعت مقرر ڪيو آهي مسلمان فقير غيرِ هاشم کي مالڪ بڻائڻ زڪوٰة چورائيندو آهي. (بهارِ شريعت،۵/٨٧۴ ملخصاً) آزاد، مسلمان عاقل بالغ ۽ صاحبِ نصاب تي زڪوٰة فرض آهي. (بهارِ شريعت ، ۵/٨٧۵-٨٧۶ملخصاً) سڀ کان پهريان غريب،مِسڪين ۽ مُفلس ۽ نادار ماڻهن کي ڳولهي ڪري انهن کي زڪوٰة ڏني وڃي، وقت تي زڪوٰة ادا ڪرڻ سان غريبن کي فائدو پهچندو آهي، قريبي رشتيدار زڪوٰة جا حقدار هجن ته انهن کي زڪوٰة ڏيڻ وڏيڪ اجرو ثواب جو سبب آهي. زڪوٰة ادا

نہ ڪرڻ سان انفرادي ۽ اجتماعي ،دنياوي ۽ اُخرَوِي هر طرح جو نقصان پهچي سگهي ٿو جيئن تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: جيڪا قوم زڪوٰة ناهي ڏيندي الله پاڪ ان کي ڏڪار ۾ مبتلا فرمائيندو. (معجم الاوسط،۳/۲۷۵،حديث:۴۵۷۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" ان کان علاوه امير اهلسنت جا بہ رسالا "101مدني گل" ۽ "163مدني گل" مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1 … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

2 … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305